بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

۱

# سِنڌي ڪتاب

## استادن لاءِ رهبر

اعزازي ڪاپي – ناقابلِ فروخت

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

# تعارف

سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ترين ٻولين مان هڪ آهي. جنهن وٽ هڪ وسيع ادبي ۽ علمي ورثو موجود آهي. سنڌي ٻولي کي مادري ٻولي طور پڙهائڻ هڪ اهم تعليمي عمل آهي، جنهن لاءِ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جديد تعليمي تحقيق ۽ عالمي معيارن جي بنياد تي سنڌي نصاب کي ترتيب ڏنو ويو آهي.

اوڪسفرڊ پاران تيار ڪيل سنڌي ڪتابَ ٻارن جي پنهنجي ٻولي ۽ انهن جي آس پاس جي ماحول کي ڌيان ۾ رکندي لکيا ويا آهن. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ٻارن جي مادري يا گهٽي استعمال ٿيندڙ ٻولي آهي، تنهنڪري هيءَ ٻوليءَ جي تدريس استادن لاءِ بہ وڌيڪ اثرائتي ۽ ڪارائتي ثابت ٿيندي رهي آهي. انهن ڪتابن ۾ ٻولي سيکارڻ وقت ٻارن جي فڪري، لساني ۽ سماجي واڌ ويجهہ کي خاص ڌيان ۾ رکيو ويو آهي.

ٻولي سکيا جي عمل ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي، ڇو تہ اها رابطي، سمجهہ ۽ تنقيدي سوچ جي واڌ ويجهہ ۾ مدد ڪري ٿي. ٻولي سيکارڻ جو عمل ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ سان شروع ٿيندو آهي، جڏهن تہ پڙهڻ ۽ لکڻ جون مهارتون گڏوگڏ ترقي وٺن ٿيون. ٻار اسڪول اچڻ کان اڳ ئي ڳالهائڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تنهن ڪري استاد لاءِ ضروري آهي تہ هو ٻارن کي اڳ ئي سکيل ٻولي استعمال ڪرڻ جا ڀرپور موقعا ڏئي. سنڌي پڙهائيندڙ استاد لاءِ رڳو ٻولي ڳالهائڻ ڪافي ناهي، پر سٺي، معياري ۽ صاف سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ اکر لکڻ پڻ لازمي آهي. استاد جو آواز نرم، انداز اثرائتو ۽ لهجو ٻارن جي عمر مطابق هئڻ گهرجي. هو اڳواٽ تياري سان، آسان ۽ اخلاقي ٻولي استعمال ڪري، ٻارن کي شاباس ڏئي ۽ سندن ڳالهائڻ جي همت افزائي ڪري. ڪلاس ۾ ٻارن کي ڳالهرائڻ لاءِ استاد سبق ٻڌائڻ کان پوءِ ورجاءُ ڪرائي، سبق يا ڪهاڻيءَ جو خلاصو پڇي، سوال ڪري ۽ ٻارن کان پنهنجي راين جو اظهار ڪرائي، جيئن ٻوليءَ جي سکيا وڌيڪ مؤثر ۽ اثرائتي بڻجي سگهي.

اوڪسفرڊ جي سنڌي نصاب ۾ ٻوليءَ جون بنيادي مهارتون، جهڙوڪ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ، سمجهڻ وغيره. منظم نموني سان ناهيو ويو آهي. گڏوگڏ، انهن مهارتن کي حقيقي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ مناسب تدريسي طريقا بہ شامل ڪيا ويا آهن. استادن جو هي رهنما ڪتاب پهرئين کان پنجين درجي تائين سنڌي ڪتابن سان ڳنڍيل آهي ۽ سيني درجن ۾ ٻولي سيکارڻ لاءِ هڪجهڙو ۽ مربوط طريقو اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن سان ٻارن جي سکيا ۾ تسلسل برقرار رهي ٿو.

’سنڌي ڪتاب ۱‘ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي اهتمام هيٺ تيار ڪيو ويو آهي، ۽ ان ڪتاب جي بنياد تي استادن لاءِ هي رهنما ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي، تہ جيئن استاد ڪلاس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مؤثر، معنيٰ خيز ۽ ٻارن دوست تدريس ڪري سگهن.

# فهرست

## پاڱو پهريون


| نمبر | عنوان | سنڌي | اردو |
|---|---|---|---|
| ١ | سنڌي قاعدو ا_ب | ١ | ۴۵ |
| ٢ | رستو ڳوليو | ۵ | ۴٩ |
| ٣ | سنڌي اُردُو ا_ب | ٦ | ۴٩ |
| ۴ | اکرن جون منڍ واريون شڪليون | ٦ | ۴٩ |
| ۵ | اکرن جون وچ واريون شڪليون | ٧ | ۵٠ |
| ٦ | اکرن جون پڇاڙيءَ واريون شڪليون | ٧ | ۵٠ |
| ٧ | پڙهوءِ لکو: زبر، زير، پيش | ٧ | ۵١ |
| ٨ | ا_ب جا آواز | ٨ | ۵١ |


## پاڱو ٻيون


| سبق | عنوان | سنڌي | اردو |
|---|---|---|---|
| سبق ١ | حمد | ٩ | ۵٢ |
| سبق ٢ | نعت | ١١ | ۵۴ |
| سبق ٣ | الله تعاليٰ | ١٣ | ۵٦ |
| سبق ۴ | اَسان جو گهرُ | ١۵ | ۵٨ |
| سبق ۵ | پيارو مُلڪ پاڪِستانُ | ١٧ | ٦٠ |
| سبق ٦ | مُنهِنجو اِسڪُول | ١٩ | ٦٢ |
| سبق ٧ | مُنهنجو وَطن پيارو (نظم) | ٢١ | ٦۴ |
| سبق ٨ | وَڏن جو اَدَبُ | ٢٣ | ٦٦ |
| سبق ٩ | گُڏين راندِ | ٢۵ | ٦٨ |
| سبق ١٠ | سچ ڳالهائڻ (نظم) | ٢٧ | ٧٠ |
| سبق ١١ | اِندلَٽ جا رَنگَ | ٢٩ | ٧٢ |
| سبق ١٢ | ڳالهائڻ جا آدابَ | ٣١ | ٧۴ |
| سبق ١٣ | سِجُ (نظم) | ٣٣ | ٧٦ |
| سبق ١۴ | ٽرئفڪ جا سگنل | ٣۵ | ٧٨ |
| سبق ١۵ | وڻن جي ڇانوَ | ٣٧ | ٨٠ |
| سبق ١٦ | جيءُ جيءُ اڏڙا (نظم) | ٣٩ | ٨٢ |
| سبق ١٧ | طوَطيَ جُون ٻولِيُون | ۴١ | ٨۴ |
| سبق ١٨ | صِحَتَ جو خيالُ (نظم) | ۴٣ | ٨٦ |

# ٻاڱو ڦهريون (استادن جون رهنما_ ڦهريون درجو)

## سکيا جي حاصلات

- سنڌي الف_ب جا آواز ٻڌي سڃاڻي سگهي.
- هم آواز اکرن جا آواز ٻڌي، لفظن ۾ انهن جو فرق سمجهي سگهي.
- سادا لفظ ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- سنڌي الف_ب جا آواز ٻڌي ۽ صحيح طريقي سان اچار سگهي.
- سادا لفظ ۽ جملا ٻڌي درست اچاري سگهي.
- انساني آوازن ۽ الف_ ب جي اکرن جي لاڳاپي جي واقفيت حاصل ڪري پڙهي سگهي.
- الف _ ب جي اکرن جي سالم، شروع واري، وچ واري ۽ آخري شڪل سڃاڻي درست پڙهي سگهي.
- اکر، لفظ، علامتون (signs) ۽ جملا سڃاڻي پڙهي سگهي.
- پينسل يا قلم کي درست نموني جهلي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي الف – ب جي حرف صحيح (consonants) ۽ حرف علت (vowels) جي آوازن کي درست نموني ادا ڪري سگهي، پڙهي سگهي.
- الف_ ب جي سالم شڪل لکي سگهي.
- لفظن ۾ حرف صحيح (consonants) ۽ حرف علت (vowels) آوازن کي سمجهي ۽ انهن جي استعمال ۾ فرق ڄاڻي سگهي.
- پڊن مان لفظ ٺاهي سگهي.
- ڪتاب جي سرورق ۽ پس ورق جو فرق ٻڌائي سگهي.
- پڙهڻ لاءِ ڪتاب کي صحيح طريقي سان جهلي سگهي.

## سنڌي قاعدو ا _ب

ڪتاب جو تعارف ڪرايو ۽ ان کانپوءِ شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٢ ۽ ٣ کولڻ جي هدايت ڪريو.

شاگردن کي ٻڌايو تہ سنڌيءَ جي ڪڪ پٽيءَ ۾ ٥٢ اکر آهن. ڦهريان ڏهہ اکر شاگردن کي هيٺ ڏنل ترتيب سان پڙهايو.

خاص هدايت: هر هڪ اکر پڙهائڻ وقت ان اکر سان شروع ٿيندڙ تصوير تي ٻارن کي ڌيان ڏياريو. ڇاڪاڻ تہ هن عمر ۾ ٻار اکر رڳو تصويرن ۽ انهن لفظن جي مدد سان ياد ڪري سگهندا.

١. ا انگور. هن اکر ۾ ڪو بہ نقطو نہ هوندو آهي. هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۾ بلڪل ساڳيو آهي.

٢. ب بدڪ هن اکر ۾ هڪ نقطو هيٺان ڏنو ويندو آهي. هي اکر سنڌي ۽ اردوءَ ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ يعني شڪل ۽ اُچار ۾ بلڪل ساڳيو آهي.

۳. ٻ ٻلي. هي نج سنڌي اکر آهي. هن جو اردو ٻوليءَ ۾ اُچار نہ آهي. هن اکر ۾ ٻہ نقطا هڪ ٻئي جي هيٺان ڏنا ويندا آهن. استاد ، هن اکر جو اُچار ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

۴. ڀ ڀَنڀُوري. هن اکر جو اُچار سنڌي ۽ اردو ٻولي ۾ ساڳيو آهي. هن اکر ۾ چار نقطا هيٺان ڏنا ويندا آهن

۵. ت تيلي. هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ اُچار ۾ بلڪل ساڳيو آهي. هن اکر ۾ ٻہ نقطا مٿان هڪ ٻئي جي پر ۾ ڏنا ويندا آهن.

٦. ٿ ٿالهي. هن اکر جو اُچار سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ ساڳيو آهي، صرف لکڻ ۾ فرق آهي، اردو ٻوليءَ ۾ ت + ھ ملائي تھ لکي ويندي آهي پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ت جي مٿان ٻہ نقطا وڌائي چار نقطا ڏئي ٿ لکي ويندي آهي.

۷. ٽ ٽماٽو. هن اکر جو اُچار سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ ساڳيو آهي. اردو ٻوليءَ ۾ هن اکر ۾ مٿان ننڍڙي ”ط“ جي نشاني لڳائي ويندي آهي.

۸. ٺ ٺپو. هن اکر جو اُچار سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ ساڳيو آهي، صرف لکڻ ۾ فرق آهي، اردو ٻوليَء ۾ ٹ + ھ ملائي لکي ويندي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ت جي مٿان ڏنل ٻہ نقطا بدلائي هڪ ٻئي جي مٿان ڏنا ويندا آهن.

۹. ث ثمر. هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ، يعني شڪل ۽ اُچار ۾ بلڪل ساڳيو آهي.

۱۰. پ پپيتو. هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ ۾، يعني شڪل ۽ اُچار ۾ بلڪل ساڳيو آهي.

## سرگرميون

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ سڀ گڏجي هڪ آواز ۾ الف کان پ تائين پنج ڀيرا ’الف بي‘ جا هي ڏھ (۱۰) اکر پڙهي ياد ڪن. استاد شاگردن کي چوندو تہ هو هر اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ پڙهي، انهن جي معني ياد ڪن.

## سنڌي (’الف بي‘) سبق جو ٻيو حصو

هاڻي استاد شاگردن کي ٻيا اٺ اکر پڙهائيندو.

۱۱. ج جبل. هن اکر جو اُچار سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ يعني شڪل ۽ اُچار ۾ بلڪل ساڳيو آهي. هن حرف يا اکر جي خوشخطيءَ مهل استاد شاگردن جي رهنمائي ڪندو ۽ بليڪ بورڊ تي لکي سمجهائيندو.

۱۲. ڄ ڄڄ. هي نج سنڌي اکر آهي. هن اکر جو اُچار اردو ٻوليءَ ۾ نہ آهي. هن اکر ۾ ٻہ نقطا پيٽ ۾ هوندا آهن. يعني اکر جي وچ ۾ هڪ ٻئي جي هيٺان ٻہ نقطا ڏنا ويندا آهن. استاد هي اکر شاگردن کي سمجهائڻ لاءِ بليڪ بورڊ تي لکي بار بار پڙهائي اُچار درست ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو.

۱۳. جھ جھرڪي. هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ اُچار ۾ بلڪل ساڳيو آهي. اردو ٻوليءَ ۾ ٻہ ج+ھ ملائي جھ لکي ويندي آهي. هن اکر ۾ هڪ نقطو هيٺان هوندو آهي.

۱۴. ڃ ڃج. هي نج سنڌي اکر آهي. هن اکر جو اُچار اردو ٻوليءَ ۾ نہ آهي. هن اکر ۾ ٻہ نقطا پيٽ ۾ هوندا آهن، يعني تہ اکر جي وچ ۾ ٻہ نقطا هڪ ٻئي جي پرسان ڏنا ويندا آهن. استاد هي اکر شاگردن کي سمجهائڻ لاءِ بليڪ بورڊ تي لکي بار بار پڙهائي اُچار درست ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو.

۱۵. چ چانھ. هن اکر جو سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ اُچار بلڪل هڪجهڙو آهي. هن اکر

جي پيٽ ۾ ٽي نقطا هوندا آهن. جهڙي طرح سنڌي اکر" پ " جا نقطا آهن.

١٦. چ چلو. هن اکر جو سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ اُچار ساڳيو آهي.

١٧. ح حوض. هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ لکڻ پڙهڻ يعني شڪل ۽ اُچار ۾ هڪجهڙو آهي.

١٨. خ خط. هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ لکڻ پڙهڻ يعني شڪل ۽ اُچار ۾ هڪجهڙو آهي. هن اکر ۾ مٿان هڪ نقطو هوندو آهي

## سرگرميون

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ سڀ گڏجي هڪ آواز ۾" ج" کان " خ " تائين پنج پيرا 'الف بي' جا هي اَڻَ (٨) اکر پڙهي ياد ڪن. شاگردن کي چيو ويندو تہ هو هر اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ پڙهي، انهن جي معني ياد ڪن.

## سنڌي 'الف بي' سبق جو ٽيون حصو

١. د ڏهُل سنڌي ٻوليءَ جو هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ اُچار ۾ اردو حرف جهڙو آهي. هن اکر تي ڪو بہ نقطو نہ هوندو آهي.

٢. ڌ ڌوٻي. سنڌي ٻوليءَ جو هي اکر اُچار ۾ اردو جي حرف جهڙو آهي پرشڪل ۾ مختلف آهي جي مٿان بہ نقطا ڏنا ويندا آهن.

٣. ڏ ڏيئو. هي نج سنڌي اکر آهي. هن اکر جو اُچار اردو ٻوليءَ ۾ نہ آهي. هن اکر ۾ ٽي نقطا مٿان هوندا آهن. يعني اکر جي مٿان ٽي نقطا ڏنا ويندا آهن. استاد هي اکر شاگردن کي سمجهائڻ لاءِ بليڪ بورڊ تي لکي بار بار پڙهائي اُچار درست ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو.

٤. ڊ ڊاڪٽر سنڌي ٻوليءَ جو هي اکر اُچار ۾ اردو ٻوليءَ جهڙو آهي، پر شڪل ۾ مختلف آهي.

٥. ڍ ڍڪڻ هي اکر اُچار جي لحاظ کان اردو ۽ سنڌي ٻوليءِ ۾ هڪ جهڙو آهي.

٦. ذ ذخيرو هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.

٧. ر ريل هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.

٨. ڙ چوڙي هي اکر پڙهڻ يعني آواز جي لحاظ کان اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي. اردو ٻوليءَ ۾ هن اکر جي مٿان ننڍڙي " ط " جي نشاني هوندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾هن اکر جي مٿان چار نقطا هوندا آهن. استاد ٻارن کي اهو ضرور ٻڌائيندو تہ سنڌي ٻوليءِ جي هن اکر(ڙ) سان ڪو بہ لفظ نہ ٿهندو آهي.

٩. ز زيور. هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.

١٠. س سِجُ. هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.

١١. ش شِينهُن هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.

١٢. ص صندوق هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.

١٣. ض ضعيف هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ جي لحاظ سان اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي. هن اکر ۾ مٿان هڪ نقطو هوندو آهي.

۱۴. ط طبلو هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.
۱۵. ظ ظرف هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.
۱٦. ع عورت هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.
۱۷. غ غار هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.

## سرگرميون:

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ سڀ گڏجي هڪ آواز ۾ ”د“ کان ”غ“ تائين پنج پيرا ’الف بي‘ جا هي سترهن (۱۷) اکر پڙهي ياد ڪن. شاگردکي چيو ويندو تہ هو هر اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ پڙهي، انهن جي معني ياد ڪن.

## سنڌي ’الف بي‘ سبق جو چوٿون حصو

۱. ف فُٽبال هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.
۲. ق قَطِي هي اکر پڙهڻ يعني آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي پر شڪل مختلف اٿس. اردو ۾ ”پ“ سان گڏ ”ه“ جو اضافو ڪرڻ سان هن اکر جو اُچار سنڌي ٻوليءَ ۾ هن اکر جو تلفظ ” ڦي“ آهي.
۳. ق ڦينچي هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.
۴. ڪ ڪتاب هي اکر پڙهڻ يعني آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ
۵. ک کَٽ هي اکر پڙهڻ يعني آواز جي لحاظ سان اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي.
٦. گ گوبي هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي. هن اکر ۾ ڪو بہ نقطو نہ هوندو آهي.
۷. ڳ ڳئون هي نج سنڌي اکر آهي. هن اکر جو اُچار اردو ٻوليءَ ۾ نہ آهي. استاد هي اکر شاگردن کي سمجهائڻ لاءِ بليڪ بورڊ تي لکي بار بار پڙهائي اُچار درست ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو.
۸. گهہ گهر هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ ساڳيو آهي.
۹. ڱ سِڱ هي نج سنڌي اکر آهي. هن اکر جو اُچار اردو ٻوليءَ ۾ نہ آهي. استاد هي اکر شاگردن کي سمجهائڻ لاءِ بليڪ بورڊ تي لکي بار بار پڙهائي اُچار درست ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو.
۱۰. ل لاٽون هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ ساڳيو آهي.
۱۱. م مَکڻ هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ ساڳيو آهي.
۱۲. ن نارنگي هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ ساڳيو آهي.
۱۳. ڻ ڏَڻُ هي نج سنڌي اکر آهي. هن اکر جو اُچار اردو ٻوليءَ ۾ نہ آهي. هن اکر ۾ ڪو بہ نقطو نہ هوندو آهي. هن اکر جي مٿان ننڍي ”ط“ جي نشاني لڳل هوندي آهي.
۱۴. و وِهاٽو هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ ساڳيو آهي.
۱۵. هہ هاٿِي هي اکر سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ ساڳيو آهي.
۱٦. ء ماءُ هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي. هن اکر ۾ ڪو بہ نقطو

نہ هوندو آهي. الف همزو متحرڪ الف، هن جو آواز الف سان زير زبر يا پيش طور ايندو آهي ۽ ضرورت مهل الف جي جاءِ تي استعمال ٿيندو آهي.

١٧. ي ياقوتُ هي اکر لکڻ ۽ پڙهڻ يعني شڪل ۽ آواز ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو آهي. اردو ٻوليءَ ۾ هن اکر ۾ ڪو بہ نقطو نہ هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ هن اکر ۾ هيٺان ٻہ نقطا هوندا آهن.

## سرگرميون

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ سڀ گڏجي هڪ آواز ۾ ”ف“ کان ”ي“ تائين پنج پيرا 'الف بي' جا هي سترهن (١٧) اکر پڙهي ياد ڪن. شاگردن کي چيو ويندو تہ هو هر اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ پڙهي، انهن جي معني ياد ڪن.

## پڙهو ۽ لکو: استاد لاءِ هدايت: (ا – ز) لکرائڻ

- شاگردن چئو تہ هو ڪتاب جو صفحو چار (٤) کولين. بليڪ بورڊ تي استاد صاف لکائي سان هر حرف لکي ۽ ان سان شروع ٿيندڙ لفظ پڻ لکي. شاگرد پهريان استاد جي پڙهيل آواز کي ورجائن، پوءِ لفظ کي پڙهن.
- پهريون استاد شاگردن کي هوا ۾ اکر لکڻ جي مشق ڪرائي.
- اکر لکڻ جي مشق لاءِ پنهنجو ساڄو هٿ ساڄي طرف سڌو ڪري بيهو. ياد رکو تہ توهان جو مُنهن بورڊ طرف هجي تہ جيئن ٻار هوا ۾ لکڻ واري مشق لکي سگهن.
- هاڻي هٿ ۾ پينسل يا پين صحيح طرح جهلڻ جيان ڪري، ساڄي ٻانهن سڌو ڪري مٿي کڻو پوءِ هيٺ ڪري ساڄي پاسي کڻي وڃو. جيئن سنڌي قاعدو ا_ب جيڪو ڪتاب جي صفحي نمبر چار (٤) تي ڏنل آهي.
- پوءِ سڀ اکر يا حرف ۽ لفظ پنهنجي ڪتاب ۾ لکن. استاد هر شاگرد جي ڪاپي چيڪ ڪري، صحيح لکڻ ۽ نقطن تي خاص ڌيان ڏي.
- استاد هر هڪ شاگرد جي خوشخطيءَ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندو ۽ هنن ۾ درست اکر لکڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو.

## پڙهو ۽ لکو: استاد لاءِ هدايت: (س – ي) لکرائڻ (صفحو نمبر ٥)

- ياد رکو تہ مٿي ڏنل مشق جيان س کان ي تائين ساڳي طرح هوا ۾ مشق ڪرائڻ کانپوءِ لکرائڻ شروع ڪريو.
- استاد هر هڪ شاگرد جي خوشخطيءَ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندو ۽ هنن ۾ درست اکر لکڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو.

## رستو ڳوليو: (صفحو نمبر ٦)

- اکرن کي ترتيبوار ملايو ۽ ٻارن کي اسڪول موڪليو.
- هن سرگرمي ۾ ٻار سنڌي ڪڪ پٽي جي اکرن کي ترتيب وار ملائيندا ۽ رستو ڳوليندا.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سنڌي اُردُو ا_ب (صفحو نمبر ٧)

- ڪتاب جي صفحي نمبر (ست) ٧ تي سنڌي ۽ انهن سامهون اُردُو جو خانو ڏنل آهي. اهي اکر شاگردن کي وڏي آواز ۾ پڙهايو ۽ اُردُو وارا اُچارَ پڙهايو.

## اکر لکو: (صفحو نمبر ٨)

- هن مشق ۾ استاد شاگردن کان پڇندو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪُل ٥٢ (ٻاونجهاهہ) اکر آهن.
- ان ۾ ڪيترائي بنا نقطي جي آهن. تہ ڪن مثان هڪ، ڪنهن تي ٻہ، تہ ڪنهن تي ٽي ۽ چار جا نقطا آهن. هڪ اکر وچ ۾ ط جي نشاني آهي. ڪير ٻڌائيندو تہ اُهو ڪهڙو اکر آهي (ڙ). جواب ملڻ تي شاباس چئو ۽ پوءِ بورڊ جي مدد سان پڙهائڻ شروع ڪريو.
- بغير نقطن وارا: ا ح د ر س ص ط ع ڪ ک گ گهہ ل م و هہ ء (١٧)
- هڪ نقطي وارا: ب ج جهہ خ ڊ ذ ز ض ظ غ ف ن (١٢)
- ٻن نقطن وارا: ٻ ت ٿ ڄ ڃ ڌ ڍ ق ڳ ڱ ي (١١)
- ٽن نقطن وارا: ٽ ث پ چ ڏ ش (٦)
- چار نقطن وارا: ڀ ٺ ڇ ڙ ڦ (٥)
- ط جي نشاني وارا: ڙ (١)

### اکرن جون منڍ واريون شڪليون

## سکيا جي حاصلات: (صفحو نمبر ٩ کان ١٢)

- اکرن جي شروعاتي (پهرين)، وچ واري ۽ پڇاڙيءَ (آخري) واريون شڪليون سڃاڻي سگهي.
- سادن لفظن ۾ اهي شڪليون پڙهي ۽ سڃاڻي سگهي.
- نوٽ بُڪ تي اکرن جون صحيح شڪليون لکي سگهي.

## سکيا جو طريقو:

- شاگردن کي سلام ڪري، جانورن ۽ شين جون تصويرون ڏيکاريو: مثال بدڪ، جهاز، چِٽي.
- پڇو: ”هي ڪهڙي شيءِ آهي؟“ ٻار جواب ڏيندا. ان کانپوءِ ڪلاس جو بورڊ استعمال ڪندي اکر جون شڪليون، اکر مٿان گول ڪري ڏيکاريو.
- بورڊ تي لکو: بـدڪ، جـهاز، چِـٽي.
- پهريون اکر هيٺ لڪير سان ظاهر ڪيو.
- ٻڌايو تہ جڏهن اکر لفظ جي شروعات ۾ اچي ٿو تہ هيءَ شڪل ٿيندي آهي.
- ان کانپوءِ ڪتاب جي صفحي نمبر ١ تي اکر پڙهايو. هڪ ڀيرو بورڊ تي ٻارن کان بہ مشق ڪرايو. ڌار ڌار شاگردن کان

اکرن جون شکليون لکرايو. ان ڪاپيءَ سيني ٻارن کي ڪاپيءَ تي پڻ لکڻ جي هدايت ڪريو.

- اکر جوڙڻ: شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ۱۰ تي ا، و ۽ ي جي اکرن جوڙڻ واري مشق سمجهائي پوءِ ڪرايو.
- ٽئين اکر جوڙڻ جي ڏار ڏار مشق بورڊ تي ڪرايو. سوال پڇندي پوءِ سڀ اکر سندن ڪتاب ۾ ڪرڻ جي هدايت ڪريو.

## اکرن جون وچ واريون شکليون

- ڪتاب جي صفحي نمبر ۱۱ مان ڪي ٻه ٽي مثال بورڊ تي لکي وچ وارو اکر گول ڪري ڏيکاريو.
- شاگردن کي ٻڌايو ته جڏهن اکر وچ ۾ اچي ٿو ته ان جي شڪل ائين ٿيندي آهي ۽ ٻنهي طرفن کان ڳنڍيل جي ويندو آهي.
- اکر جي پهرين شڪل سان ڀيٽ ڪري فرق ظاهر ڪيو.
- سرگرمي: ٻار جوڙين ۾ پڙهن ۽ وچ واري اکر کي گولڙو پائي ڏيکارين.
- لکڻ جي مشق: شاگرد ٽي لفظ ڪاپي ۾ لکن جن ۾ اکر وچ ۾ اچي.

## اکرن جون پڇاڙيءَ واريون شکليون

- ڪتاب جي صفحي نمبر ۱۲ تي اکر جون پڇاڙيءَ واريون شکليون بورڊ تي لکي اکر تي گول ڪيو.
- ٻڌايو ته جڏهن اکر لفظ جي آخر ۾ اچي ٿو ته ان اکر جي شڪل هن ريت ٿيندي آهي.
- پهرين ۽ وچ واري شڪلين سان ڀيٽ ڪري پڻ ڏيکاريو.
- سرگرمي: ٻار ٽي ڪالم ٺاهين: (شروع، وچ ۽ پڇاڙي) ۽ ساڳي اکر جون ٽئين شکليون لکن.
- آخر ۾ استاد لفظ سڄي ڪلاس کي ٻڌائيندو ٻار وڏي آواز ۾ ٻڌائين ته اکر شروع، وچ يا پڇاڙيءَ ۾ آهي.

## اکرن جي شکلين جو ورجاءُ ۽ جائزو

- زباني سوال: استاد لفظ ڏيکاريندو ٻار ٻڌائيندا ته اکر ڪهڙي جڳهه تي آهي.
- سوال پڇو ته ب اکر جون ڪهڙيون شکليون ٿين ٿيون؟
- گهر جو ڪم: چار چار اهڙا لفظ لکي اچو جن ۾ شروع، وچ ۽ پڇاڙيءَ وارا لفظ لکي اچو.

## پڙهو ۽ لکو: زبر، زير، پيش

## سکيا جي حاصلات:

- اکرن کي زيرِ، زبرَ ۽ پيش سان اُچاري پڙهي سگهو.
- ڪتاب جو صفحو نمبر ۱۳ ۽ ۱۴

## سکيا جو طريقو:

- ڪتاب جي صفحي نمبر ۱۳ تي اکرن کي زير، زبرَ ۽ پيش ساڻ اچارڻ ۽ لکڻ جي سمجهاڻي ڏئي پڙهايو.
- ساڳيءَ طرح صفحي نمبر ۱۴ تي وَجي مشق پهريان سمجهائي پوءِ صفحي نمبر ۱۵ تي يَ لفظ ۾ پڙهائڻ ۽ لکڻ جي مشق ڪرائڻ ڪانپوءِ پڙهايو. ٻنهي اکرن معنيٰ وَ ۽ يَ جي آواز تي ڌيان ڏياريو.

# الف_ب جا آواز

## سکيا جي حاصلات:

- سنڌي الف_ب جي سمورن اکرن جا ڌار ڌار آوازن کي ڄاڻي سگهي.
- لفظن کي تصويرن سان ملائي سگهي.
- جملن ۾ سادا لفظ پڙهي سگهي.
- سوال ۽ جواب وارا جملا پڙهي، سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڪتاب جو صفحو نمبر ١٦، ١٧، ١٨، ١٩ ۽ ٢٠

## سکيا جو طريقو:

- استاد وڏي آواز ۾ صفحي ١٦ ۽ ١٧ تي وڏي آواز ۾ اکرن جي اچارن کي پڙهي ۽ شاگرد به پويان پڙهن. سمورن اکرن جي آوازن کي اچاريو ۽ شاگردن کان به اچار ڪرايو.
- ڪتاب جي صفحي نمبر ١٨ تي تصويرن کي صحيح لفظن سان تير وسيلي ملائڻ جي هدايت ڪريو. هڪ مثال بورڊ تي ڪري ڏيکاريو ان کانپوءِ شاگردن کي چئو ته هو پاڻ ڪري ڏيکارين.
- صفحي نمبر ١٩ تي سادا لفظ جمل ي سان ڳنڍي پڙهايو. هڪ به مثال پڙهائي، پوءِ شاگردن کان پڇو ته ڪيئن پڙهيا ويندا. اهڙي طرح ٻيا جملا لفظ سان جوڙي پڙهايو.
- صفحي نمبر ٢٠ تي سوال ۽ جواب پڙهايو. هڪ به مثال پڙهايو ان کانپوءِ سوال وارو حصو توهان پڙهو ۽ جواب وارو حصو ٻارن کان پڇو. جيڪڏهن شاگردن کي نه اچي ته کين صحيح جواب سمجهايو.

# ڀاڱو ٻيون (استادن جون رهنما ـ پهريون درجو)

## سبق پهريون

### حمد

### سکيا جي حاصلات:

- نظم سُر ۽ لئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري سگهي.
- بي ترتيب اکرن کي ترتيب سان لکي سگهي.
- ٻن ڪان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچاري سگهي.
- لفظن جي صورتخطي لکي سگهي.
- تصويرون ڏسي انهن ۾ موجود شين جا نالا لکي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (١)، صفحو نمبر ٢٢، ٢٣ ۽ ٢٤

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٢٢ تي ڏنل سبق "حمد" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو پهريون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٩ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد حمد کي چٽي اُچار سان، وڏي آواز ۾ بيت جيان سُر ۽ لئہ سان پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي تہ ٻارَ بہ غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ ان ئي سُر ۽ لئہ سان پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نہ اُچاري ۽ هَٻڪ ٿئي تہ اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- حمد پڙهڻ کانپوءِ هي سُوالَ زباني پڇو؟
- اسان جو مولا ڪير آهي؟اسان جي جڳ کي ڪير ٿو هلائي؟ سيني ساهوارن کي پيدا ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

### مشق:

(الف) بيت جو مڪمل سٽون

تون ئي مالڪ آن سيني جو.... هر جا ٿو پيو رزق رسائين.

رات منجهان ٿو ڏينهن بڻائين.... تنهنجي رحمت اڻ ڪٿ آهي.

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

١. اسان سيني جو مالڪ مولا سائين آهي.

٢.  سڀني جڳ کي الله سائين ٿو هلائي.

٣.  سڀني کي رزق الله سائين ٿو رسائي.

٤.  مينهن بہ الله سائين ٿو وسائي.

(ج) لفظ پڙهايو ۽ انهن جي هيٺان شاگردن کان ٻيهر لکرايو.

(د) اکر ملائي لفظ ٺاهيو.

چنبُ، منڊڙا، سانگ، بادل، ٽڏڙا

(هـ) ترتيب سان اکر لکو.

ا، ب، ٻ، ٻ، ت، ٿ، ٽ، ٺ، ث، پ، ج، ڄ، جه، ڃ، چ، ڇ، ح، خ، د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ذ

## سرگرمي.

پڙهائڻ جي سرگرميءَ لاءِ ڪتاب ۾ ڏنل هدايتن موجب ٻارن کان سرگرمي ڪرايو.

تصويرن جا نالا: جهرڪي، ٻڪري، ڪڪر، ڇتي، ڏيڏر، ٿيلهو.

## سبق ٻيون

## نعت

### سکيا جي حاصلات:

- عام استعمال ٿيندڙ لفظ ٻڌي، انهن جي معنيٰ سمجهي سگهي.
- سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.
- ٽن پدن وارا لفظ جوڙي پڙهي سگهي.
- هم آواز اکرن جا آواز ٻڌي، لفظن ۾ انهن جو فرق ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (١)، صفحو نمبر ٢٥-٢٦ ۽ ٢٧

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٢٥ تي ڏنل سبق "نعت" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو ٻيون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٩ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد نعت کي چٽي اُچار سان، وڏي آواز ۾ بيت جيان سُر ۽ لئه سان پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي ته ٻارَ به غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ ان ئي سُر ۽ لئه سان پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نه اُچاري ۽ هَٻڪ ٿئي ته اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- نعت حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہِ وَ اَصحَابِہِ وَسَلَّم جي شان ۾ چيل شعرن کي چئبو آهي. حمد الله سائينءَ جي تعريف ۾ چئبو آهي، جڏهن ته نعت پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہِ وَ اَصحَابِہِ وَسَلَّم جي شان ۾ چئي ويندي آهي.
- نعت پڙهائڻ کان پوءِ ٻارن کان سندن پسند جي نعت پڇي.
- هيءَ نعت ياسر قاضيءَ جي لکيل آهي. شاعر چئي ٿو ته اسان جو سهڻو حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہِ وَ اَصحَابِہِ وَسَلَّم وڏي مانَ ۽ مرتبي وارو آهي. ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ شان وارو آهي. پيغمبرن جي تارن ۾ هو چنڊ جيان وڏو نظر ايندڙ آهي. سندس ايڏو شان آهي، جو جنهن کي چاهي بخشي سگهي ٿو. سندس نالو پيارو آهي، تنهنڪري پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہِ وَ اَصحَابِہِ وَسَلَّم جو نالو ٻڌي درود پڙهجي.
- ٻارن کان ڪجهه سٽن جي معنيٰ به پڇو.
- سوال پڇڻ کانپوءِ ٻارن کي ٻڌايو ته اهڙا لفظ جن جو پڙهڻ ۾ اُچار هڪ جهڙو هجي جي پر معني ۾

فرق هجي انهن کي هم قافيه لفظ چئجي. هم قافيه لفظ گهڻي قدر نظم ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن.
رات, بات...

## مشق:

(الف) شعر مناسب لفظن سان مڪمل ڪريو.

۱. شانَ, ۲. چنڊ, ۳. ناميارو

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

۲. عظمت ۽ شانَ وارو پاڻ سڳورو حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِين صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم آهي.

۳. انسان ذات ۾ سڀ کان مانَ وارو پنهنجو پيارو نبي آهي.

۴. الله سائينءَ لاءِ سڀ برابر آهن. .

(ج) لفظ پڙهايو ۽ انهن جي هيٺان شاگردن کان ييهر لکرايو.

(د) اکر ملائي لفظ ٺاهيو.

۱. سهڻو انسان, پيارو, عظمت

(هہ) نعت جا هم قافيا لفظ

۱. شانَ, مانَ-- وارو-پيارو--- چوٽڪارو-خسارو-- پلارو-ناميارو--

## سرگرمي

جي سوالن جا جواب.

۱. تصوير ۾ ڪلاس نظر اچي رهيو آهي, استاد ٻارن کي پڙهائي رهي آهي.

۲. ڪلاس ۾ استادِ بيٺي آهي.

۳. ٻارَ پڙهي رهيا آهن.

# سبق ٽيون

## الله تعاليٰ

### سکيا جي حاصلات:

- اکرن، لفظن، جملن ۽ ڳٽپ بابت سوال ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- ٽن پدن وارا لفظ جوڙي، ٽوڙي، پڙهي ۽ لکي سگهي.
- اکرن جي شروعاتي، وچين ۽ پڇاڙي واري شڪل لکي سگهي.
- تصويرون ڏسي انهن ۾ موجود شين جا نالا لکي سگهي.
- وڏن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت ادب ۽ احترام جو خيال رکي سگهي.
- ساڄي کان کاٻي پاسي آکر رکي پڙهي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (١)، صفحو نمبر ٢٨-٢٩ ۽ ٣٠

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٢٨ تي ڏنل سبق ”الله تعاليٰ“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو ٽيون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٩ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي ته ٻارَ به غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ سبق کي ساڻ پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نه اُچاري ۽ هَٻڪ ٿئي ته اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- شاگردن کي ٻڌايو ته اسان سڀني جو خالق الله سائين آهي. ان جو ڪو به شريڪ نه آهي، هو سڀني کان طاقتور آهي. دنيا جهان ۾ جيڪا به شيءِ آهي، اُها سندس خلقيل آهي. سڀني ساهوارن کي رزق به الله سائين ڏئي ٿو. اسان سڀ ان جي عبادت ڪريون ٿا ڇاڪاڻ ته هو ٻاجهارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي. هو سڄڻ ڪمن مان خوش ٿيندو آهي، ٻين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. ننڍين سان پيار وڏن جو ادب ڪرڻ گهرجي.

### مشق:

(الف) مناسب لفظن سان جملو مڪمل ڪريو.

١. خالق، ٢. تارا ٣. الله تعاليٰ ۴. رحم

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

۱. اسان جو خالق الله سائين آهي.

۲. سج، چنڊ ۽ تارا الله سائينءَ خلقيا آهن.

۳. الله سائينءَ وڻ ٽڻ، جبل، ٻوٽا خلقيا آهن.

(ج) لفظ پڑهايو ۽ انهن جي هيٺان شاگردن کان ٻيهر لکرايو.

(د) شاگردن کان لفظ ٽوڙي اکرن جون شروعاتي، وچين ۽ پڇاڙيءَ واري شڪل لکرايو.

(هہ) اکر جوڙي لفظ ناهيو.

۱. ڊيل -- جسم- ڊاک- نانگ-

## سرگرمي ۾ ڏنل تصويرن جا نالا.

۱. سج ۲. چنڊ ۽ تارا ۳. درياءَ ۴. وڻ

## سبق چوٿون

## اسان جو گھر

### سکيا جي حاصلات:

- عام استعمال ٿيندڙ لفظ ٻڌي، انهن جي معنيٰ سمجهي ۽ ٻڌائي سگهي.
- سادن جملن واري گفتگو ٻڌي، سمجهي ۽ ڪري سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.
- پنهنجي گھر بابت ٽن کان پنج سادا مربوط جملا لکي سگهي.
- سلام ڪرڻ، مهرباني چوڻ، هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جهڙين ڳالهين تي عمل ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (١)، صفحو نمبر ٣١-٣٢ ۽ ٣٣

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٣١ تي ڏنل سبق "اسان جو گھر" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو چوٿون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٩ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي تہ ٻارَ بہ غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ سبق کي ساڻ پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نہ اُچاري ۽ هَٻڪَ ٿئي تہ اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- هڪ ڀيرو شاگردن کان بہ سبق پڙهايو.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ گھر هر ڪنهن کي پيارو هوندو آهي. گھر ۾ اسان آرام ڪندا آهيون. والدين، ڀيڻ ڀائرن، ڏاڏو ڏاڏي، ۽ ٻيا گھر وارا اسان لاءِ خوشي جو سبب هوندا آهن. گھر ۾ اسان سڀ محفوظ هوندا آهيون. گھر ۾ خوش ٿيندا آهيون. سنا کاڌا ملندا آهن. انڪري اسان کي پنهنجي گھر وارن سان پيار، ادب سان رهڻ گھرجي.
- ٻارن کي اڄ وچ ۾ سلام ڪرڻ بابت بہ ٻڌايو.
- سبق جي پيراگراف مان هڪ ٻن لفظن جي معنيٰ شاگردن کان پڇو.
- شاگردن کان گھر بابت سوال پڇو تہ جيڪڏهن گھر نہ هجي ها تہ ڇا ٿئي ها؟
- ٻارن کي گھر جي ڪهڙي ڳالهہ وڻندي آهي، ڪهڙي ڳالهہ نہ وڻندي آهي.

**مشق:**

**(الف) مناسب لفظن سان جملو مڪمل ڪريو.**

١. گهر ٢. ڪم ٣. سمهندا

**(ب) سبق جي سوالن جا جواب.**

١. گهر ۾ امان، بابا، ڀيڻ ڀائر رهندا آهن.

٢. اسان گند ڪچرو ڪچري جي دٻي ۾ اڇلائيندا آهيون.

٣. صبح جي نيرن امان ۽ بابا گڏجي تيار ڪندا آهن.

**(ج) گهر ڀاتين جو تعارف.**

١. منهنجي گهر ۾ پنج ڀاتي آهن. ٻه ڀيڻ، هڪ ڀائر. امان ۽ بابا. اسان ڪُل پنج ڀاتي آهيون.

**سرگرمي ۾ ڏنل تصوير ۾ رنگَ ڀرڻ جي مشق ڪرايو.**

## سبق پنجون

## پيارو ملڪ پاڪستان

### سکيا جي حاصلات:

- سنڌيءَ ۾ ڪيل سوال ٻڌي ۽ انهن جا جواب ڏئي سگهي.
- ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارن لفظ جملن ۾ ڪم آڻي، لکي سگهي.
- ڪنهن بہ عام موضوع تي ٽن کان پنج جملا لکي سگهي.
- آهي ۽ هو ۾ فرق ڄاڻي سگهي.
- لفظن ۾ مذڪر ۽ مؤنث صورتن ۾ فرق ڄاڻي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (١)، صفحو نمبر ٣٤-٣٥-٣٦ ۽ ٣٧

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٣٤ تي ڏنل سبق "پيارو ملڪ پاڪستان" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو پنجون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٩ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي تہ ٻارَ بہ غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ سبق کي ساڻ پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نہ اُچاري ۽ هَٻڪَ ٿئي تہ اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ اسان جو ملڪ پاڪستان آهي. ان جو پورو نالو اسلامي جمهوريہ پاڪستان آهي. ان جو باني قائد اعظم محمد علي جناح آهي. ان ۾ چار صوبا آهن. وڏا شهر ڪراچي، لاهور، ملتان، پشاور ۽ ڪوئيٽا آهن. اسلام آباد ملڪ جو گاديءَ جو هنڌ آهي. گاديءَ واري شهر ۾ ملڪ جو صدر، وزيراعظم ۽ ٻيا ملڪ جا اڳواڻ رهندا آهن.
- اسان کي پنهنجي ملڪ سان محبت ڪرڻ گهرجي.
- شاگردن کان پڇو تہ پاڪستان جي ڪهڙيون شيون ڪين پسند آهن؟
- سبق بابت سوال جواب ۾ ڄاڻ ڏيڻ کانپوءِ ٻارن کي هو ۽ آهي ۾ فرق ٻڌايو.
- هو گذريل وقت (ماضي) لاءِ ڪم ايندو آهي. جڏهن ڪا ڳالهہ اڳ تي چڪي هجي. مثال: هو استاد هو. (يعني اڳ استاد هو، هاڻي ناهي)

- هي هن وقت (حال) لاءِ ڪم ايندو آهي. جڏهن ڪا ڳالهه هاڻي صحيح هجي. مثال: هي استاد آهي.
- مذڪر ۽ مؤنث ۾ فرق ٻڌايو: مذڪر ڇوڪرا يا مردن لاءِ ڪم ايندو آهي. ٻيا مثال ٻڪرو، ڍاند وغيره
- مؤنث: ڇوڪريون يا عورتن لاءِ ڪم ايندو آهي. ٻيا مثال ٻڪري، ڳئون وغيره آهن.

**مشق:**

(الف) مناسب لفظن سان جملو مڪمل ڪريو.

۱. پيارو ۲. ۱۴ آگسٽ ۳. چار

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

۱. اسان جي ملڪ جو پورو نالو اسلامي جمهوريہ پاڪستان آهي.

۲. هي ملڪ ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ آزاد ٿيو.

۳. پاڪستان جو باني قائد اعظم محمد علي جناح آهي.

(ج) مذڪر ۽ مؤنث

۱. ٻڪرو-ٻڪري، نانو-ناني، ٻلو-ٻلي، ڪتو-ڪتي، ڏاڏو - ڏاڏي.

(د) لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو.

۱. پاڪستان ۾ چار صوبا آهن.

۲. اسان جو ملڪ پاڪستان آهي.

۳. سنڌو درياءَ پاڪستان ۾ وهي ٿو.

۴. رات جو سوير سمهڻ گهرجي. ۵. گهر صاف رکڻ گهرجي.

(هہ) پاڪستان بابت پنج جملا لکو.

پاڪستان جو پورو نالو اسلامي جمهوريہ پاڪستان آهي. پاڪستان ۾ چار صوبا آهن. سنڌو درياءَ پاڪستان ۾ آهي. اسلام آباد ملڪ جو گاديءَ جو هنڌ آهي. پاڪستان ۾ مخلتف ٻولين جا ماڻهو رهن ٿا.

سرگرمي ۾ ڏنل تصوير تي رنگ ڀرائڻ جي مشق ڪرايو.

## سبق ڇهون

# منهنجو اسڪول

### سکيا جي حاصلات:

- سادن هاڪاري ۽ ناڪاري جملن کي ٻڌي سگهي.
- سادا هاڪاري ۽ ناڪاري جملا ڳالهائي سگهي.
- هڪ منٽ ۾ ١٥ کان ٣٠ لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.
- استاد جي مدد سان ٻن يا ٽن جملن ۾ پنهنجو تعارف ڪرائي سگهي.
- بورڊ، تختيون ۽ سائن بورڊ پڙهي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (١)، صفحو نمبر ٣٨-٣٩-٤٠ ۽ ٤١

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٣٨ تي ڏنل سبق ”منهنجو اسڪول“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو پنجون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٩ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي ته ٻارَ به غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ سبق کي ساڻ پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نه اُچاري ۽ هَٻڪَ ٿئي ته اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- هڪ ڀيرو شاگردن کان سبق پڙهايو. ڪوشش ڪريو ته ٻار هڪ منٽ اندر ١٥ کان وڌيڪ لفظ چٽي آواز ۾ لفظ اچاري سگهن.
- شاگردن کي ٻڌايو ته هي سبق هڪ ننڍڙي بلال جي باري ۾ آهي. هو پهرئين درجي ۾ پڙهندو آهي. سبق ۾ بلال ٻڌائي ٿو ته سندس اسڪول ڏاڍو سهڻو آهي. هو روزانو پنڌ اسڪول ويندو آهي. جتي اسيمبلي ٿيندي آهي. اسڪول ۾ استاد ڪين سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن. اسڪول ۾ سندس دوست به آهن. هو پڙهائي ڪانپوءِ راند به ڪيڏندا آهن.
- ڇا توهان جا اسڪول ۾ ڪي دوست آهن؟
- اسڪول ڇو اچڻ گهرجي؟ (جيئن اسان پڙهي لکي سگهون، دوستن سان ملي سگهون، رانديون ڪريون)
- شاگردن کي تعارف سکاريو. نالو سندس درجو ۽ ڪٿان اسڪول ايندو آهي وغيره وارا جملا هجڻ گهرجن.
- هاڪاري ۽ ناڪاري وارا جملا سيکاريو. مان اسڪول وڃان ٿو هاڪاري. مان اسڪول نه وڃان ٿو ناڪاري ٻيا به اهڙا

جملا بورڊ تي لکي ڪين صحيح طريقي سان سمجهايو.

## مشق:

(الف) مناسب لفظن سان جملو مڪمل ڪريو.

۱. پيارو ۲. اسيمبلي ۳. قومي ترانو

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

۱. اسڪول ۾ روزانو اسيمبلي ٿيندي آهي.

۲. استاد ۽ شاگرد سٺيون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن.

۳. ڪلاس ۾ استاد پيار سان سٺي نموني پڙهائيندا آهن.

(ج) لفظ پڙهايو ۽ لکرايو.

(ق، د) هاڪاري ڪان ناڪاري ٿيل جملا

۱. ڪتاب نہ پڙهہ.

۲. اسڪول نہ وڃ.

۳. هو نہ ايندو.

(هہ) نوان لفظ ناهڻ.

۱. منهنجي- هڪڙي- ٿُلهي- ڪٽي.

## سرگرمي

۱. (صفحي ۴۱ تي) تفصيل سان پڙهي شاگردن ڪان ڪرايو.

## سبق ستون

# منهنجو وطن پيارو

### سکيا جي حاصلات:

- مليل هدايتن کي سمجهي، انهن تي عمل ڪري سگهي.
- مليل هدايتن بابت ٻڌائي سگهي ۽ ٻين تائين پهچائي سگهي.
- درجيوار متن منجهان پنجن مان ٽن سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.
- هڪ کان ڏهن تائين ڳڻپ جا انگ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (١)، صفحو نمبر ٤٢-٤٣ ۽ ٤٤

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٤٢ تي ڏنل سبق ”منهنجو پيارو وطن“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو ستون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٧٩ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئہ سان پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي تہ ٻارَ بہ غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ سبق کي ساڻ پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نہ اُچاري ۽ هَٻڪَ ٿئي تہ اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ هي نظم اسان جي پياري وطن جي باري ۾ آهي. هن نظم ۾ شاعر چئي ٿو تہ منهنجو وطن ڏاڍو پيارو آهي. هي ملڪ ڪيڏي ڀاڳ وارو آهي، چاڪاڻ تہ هت سهڻا نظارا آهن. درياءَ ۽ نديون وهن ٿيون. هت چار موسمون آهن. هر هڪ موسم جي پنهنجي اهميت آهي. اسان جي وطن جا ماڻهو ننڍا توڙي وڏا منڙا آهن. سيني ۾ ايڪو يعني ٻڌي آهي تہ اُهوئي اسان جو سهارو آهي، تنهنڪري اسان جو وطن ڀاڳ وارو آهي.
- اسان جو وطن ڪهڙين ڳالهين ڪري وڻندڙ ۽ پيارو آهي؟
- ٻارن کي هڪ کان ڏهن تائين انگ لکڻ سيکاريو.

### مشق:

(الف) مناسب لفظن سان جملو مڪمل ڪريو.

١. سُهڻو لڳي ٿو ڪيڏو هر هڪ پيو نظارو.

۲.	هت چار موسمون آهن، سڀ ڏار موسمون آهن.

۳.	ايڪو آهي سين ۾، سڀ ديس جو سهارو.

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

۱. هتان جون ٻنيون سر سبز يعني سايون آهن.

۲. هت چار ڏار ڏار موسمون آهن.

۳. وطن جا ماڻهو مٺڙا آهن.

(ج) لفظ پڙهايو ۽ لکرايو.

(د) هاڪاري کان ناڪاري ٽيل جملا

۱. پيارو- نيارو ۲. ديس، ويس ۳. ڏار، ٻار ۴. ڀاڳُ-جاڳُ ۵. گرمي-نرمي

(هـ) هڪ کان ڏهن تائين انگ لکرائي، چڪاس ڪرايو. جيڪڏهن غلطي هجي ته سڌار ڪرايو.

(و) شين ۽ ڪردارن جا نالا

سرسبز ٻنيون. درياءَ، نديون، سُهڻو نظارو، ماڻهو، وطن، مٺڙا

## سرگرمي

۱. (صفحي ۴۴ تي) خاني ۾ ڏنل اکرن کي ملائي شاگردن کي چئو ته پينسل سان ليڪ ڏين.

# سبق ائون

## وڏن جو ادب

### سکيا جي حاصلات:

- روزمرهہ جون شيون ڏسي، انهن جو ڪجھہ جملن ۾ تعارف ڪرائي سگهي.
- هڪ منٽ ۾ ۱۵ کان ۳۰ لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.
- پنجن کان ستن لفظن وارا جملا روانيءَ سان پڙهي سگهي.
- سادن لفظن کي ٽوڙي ۽ پڙهي سگهي.
- لفظن جا شروعاتي، وچان ۽ پڇاڙيءَ وارا اکر مٽائي نوان لفظ ٺاهي سگهي.
- جو جا، جي کي ڄاڻي سگهي.
- ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٻڌي، جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ سکي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (۱)، صفحو نمبر ۴۵-۴۶ ۽ ۴۷

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ۴۵ تي ڏنل سبق "وڏن جو ادب" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو ائون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۷۹ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي تہ ٻارَ بہ غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ سبق کي ساڻ پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نہ اُچاري ۽ هَٻڪَ ٿئي تہ اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ سبق وڏن جي ادب جي باري ۾ آهي. پاڻ کان وڏن ماڻهن جو ادب ڪرڻ سني ٻار ۽ ماڻهو جي نشاني آهي. ائين ماڻهو سٺا ٿيندا آهن. وڏن ۾ اسان جا والدين، ڀائر، ڏاڏو ڏاڏي، چاچو چاچي ۽ ٻيا مٽ مائٽ ۽ پاڙيسري، توڙي استاد اچي وڃن ٿا. وڏن جي ڳالھہ مڃڻ گهرجي، سندن اڳيان ادب سان ويهڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان الله بہ خوش ٿيندو ۽ وڏن کان پيار بہ ملندو. جيڪو وڏن جو ادب ڪندو آهي، ان کي هر هنڌ عزت ۽ پيار ملندو آهي. وڏن سان گڏ ننڍن سان بہ ادب ۽ شفقت سان پيش اچڻ گهرجي.
- سبق جو پهريون حصو شاگردن کان پڙهايو. ٻيو حصو ٻي شاگرد کان پڙهايو.
- توهان اسڪول ڇا تي ايندا آهيو؟ پنهنجا ڪتاب ڇا ۾ رکندا آهيو؟ توهان جي گهر ۾ موبائل آهي، ان


OXFORD UNIVERSITY PRESS

سان ڇا ڪندا آهيو؟ ڪتاب ۽ اسڪول بابت هڪ هڪ جملو ٻڌايو.

- جو جي، ۽ جا جملا ڪم آڻڻ بورڊ جي مدد سان سمجهايو. بورڊ تي لکو: علي جو ڪتاب آهي. پين پارس جي آهي. ڪتاب لائبرري جا آهن. اهڙا ٻيا مثال ٻـ شاگردن کي ٻڌايو.

## مشق:

(الف) مناسب لفظن سان جملو مڪمل ڪريو.

۱. گُڻ، ۲. ننڍين، ۳. ادب

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

۱. وڏن جو ادب سندن احترام ڪرڻ، ڳالهيون ڌيان سان ٻڌڻ آهي.

۲. انهن جي عزت ڪرڻ، سندن چوڻ ٻڌڻ وڏن جو ادب آهي.

۳. اهي جڏهن ڳالهائين تـ ڌيان ۽ ادب سان ٻڌجي.

(ج) لفظ پڙهو ۽ اکرن ۾ ٽوڙيو.

(د) نوان لفظ ٺاهڻ

۱. لاهيون ۲. ڪاهيون ۳. هاريون ۴. ٻارِيون

(هـ) هڪ کان ڏهن تائين انگ لکرائي، چڪاس ڪرايو. جيڪڏهن غلطي هجي تـ سڌار ڪرايو.

## سرگرمي

۱. (صفحي ۴۷ تي) ڏنل پيراگراف ڏار ڏار شاگردن کان هڪ ئي روانيءَ سان پڙهايو.

## سبق نائون

## گڏين راند

### سکيا جي حاصلات:

- لطيفا ٻڌي، سمجهي ۽ ٻڌائي سگهي.
- آکاڻيءَ ۾ ڪردارن بابت ٻڌي، انهن کي سڃاڻي سگهي.
- آکاڻيءَ بابت مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڇهن کان پنج جملن جي آکاڻي پڙهي، سمجهي سگهي.
- آکاڻي پڙهي شين ۽ ڪردارن جا نالا لکي سگهي.
- آکاڻي پڙهي يا ٻڌي سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.
- عددي رتبا (هڪ، ٻه، ٽي ۽ پهريون، ٻيون ۽ ٽيون وغيره) جو فرق ڄاڻي سگهي.

### امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ پهريون (١)، صفحو نمبر ٤٨-٤٩ ۽ ٥٠

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٤٨ تي ڏنل سبق "گڏين راند" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جي ٻئي حصي جو نائون سبق نظم وارو سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٠ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇي.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهڻ شروع ڪري. استاد ڌيان رکي ته ٻارَ به غور سان ٻڌي رهيا آهن ۽ سبق کي ساڻ پڙهي، لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ لفظ صحيح نه اُچاري ۽ هَٻڪ ٿئي ته اُهو لفظ بورڊ تي لکي ان جو صحيح اچار ٻڌائي.
- شاگردن کي ٻڌايو ته هي سبق گڏين رانڊ جي باري ۾ آهي. سبق ۾ هڪ ڇوڪري پنهنجي ساهيڙي سان گڏ گڏين بابت ٻڌائي رهي آهي. هو اسڪول ۾ گڏ پڙهنديون آهن. اسڪول کانپوءِ رانڍين ۾ گڏين سان رانديون ڪنديون آهن. ٻئين ساهيڙيون پنهنجي پنهنجي گڏين کي نوان ڪپڙا پارائينديون آهن. گڏين لاءِ هو گهر جيان سامان گڏ ڪنديون آهن. گڏين جا ڪردار به ناهينديون آهن. گڏي ۽ گُڏي جي شادي به ڪرائينديون آهن. جڏهن هنن گڏين جي شادي ڪئي ته پنهنجي ٻين دوستين، ساهيڙين کي به دعوت ڏنائون ۽ سيني گڏجي راند ڪئي.
- گڏي رانڊ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن. سڄي ڪلاس کان ڌار ڌار پڇا ڪريو.
- سبق بابت سوالن کانپوءِ شاگردن کي لطيفا ٻڌائڻ لاءِ چئو. پهريان هڪ لطيفو پاڻ ٻڌايو پوءِ شاگرد ٻڌائين.

• هاڻي شاگردن کي انگن بابت ٻڌايو. هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه، ست، اٺ، نو، ڏهه. پهرين جيان عددي رٽا سمجهايو ۽ پهريان ڏهه لکرايو.

## مشق:

(الف) مناسب لفظن سان جملو مڪمل ڪريو.

١. ساهيڙيءَ ٢. گڏيون ٣. شادي

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

١. موڪل واري ڏينهن ساهيڙيون گڏي راند ڪنديون آهن.

٢. هر هفتي گڏين کي نوان ڪپڙا پارائينديون آهن.

٣. انهن لاءِ بسترا، ٿانوَ ۽ ٻيو سامان گڏ ڪنديون آهن.

(ج) لفظ پڙهايو ۽ لکرايو

(د) اکر ملائي لفظ ٺاهڻ

